SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1987

SINDHACT NO.V OF 1987

سنڌ ميڊيڪل ڪاليجز ايڪٽ، 1987

THE SINDH MEDICAL COLLEGES ACT, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. قاعدا جوڙڻ لاءِ حڪومت جو اختيار

Power of Government to make rules

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس II جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance II of 1987

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1987

SINDHACT NO.V OF 1987

سنڌ ميڊيڪل ڪاليجز ايڪٽ، 1987

THE SINDH MEDICAL COLLEGES ACT, 1987

[3 جون 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن ۽ شاگردن جي نظم و ضبط سميت لاڳاپيل معاملن کي ضابطي ۾ رکيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ جي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن ۽ شاگردن جي نظم و ضبط سميت لاڳاپيل معاملن کي ضابطي ۾ رکڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ميڊيڪل ڪاليجز ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي

Definitions

متضاد نہ هجي تہ:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "ميڊيڪل ڪاليج" مطلب حڪومت جي هٿ هيٺ قائم ٿيل يا سنڀاليل ۽ هلندڙ ميڊيڪل ڪاليج ۽ جنهن ۾ ڊينٽل ڪاليج بہ اچي وڃي ٿو؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جڙيل قاعدا؛

(d) "شاگرد" مطلب ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد.

قاعدا جوڙڻ لاءِ حڪومت جو اختيار

Power of Government to make rules

3. جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي خلاف نہ هجي، پر ميڊيڪل ڪائونسلز آرڊيننس، 1962 موجب، حڪومت قاعدن ذريعي:

(a) ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلائن تي ضابطو رکي سگهي ٿي؛

(b) شاگردن جي نظم و ضبط تي نظرداري ڪري سگهي ۽ ضابطو رکي سگهي ٿي؛

(c) شاگردن جي رهائش جون جايون جوڙڻ، سنڀالي ۽ انتظام ڪري سگهي ٿي ۽ شاگردن جي رهائش يا هاسٽل لاءِ ڪنهن جاءِ جي منظوري ڏئي سگهي ٿي.

(2) مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تعصب کانسواءِ، قاعدا فراهم ڪري سگهن ٿا:

(a) سيٽن جو تعين ڪرڻ؛

(b) داخلا لاءِ درخواست جو فارم؛

(c) داخلا لاءِ شرط؛

(d) هڪ ادارن مان ٻئي اداري ڏانهن وڃڻ جا شرط ۽ طريقيڪار؛

(e) شاگردن خلاف انتظامي ڪارروائي ۽ ڏنڊ مڙهڻ؛

(f) رهائشي جايون ۽ هاسٽلون قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ انهن ۾ داخلا جا شرط.

4. سنڌ ميڊيڪل ڪاليجز آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1987 جي سنڌ آرڊيننس II جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance II of 1987

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.